ڊاڪٽر نواب ڪاڪا

# موهن ڪلپنا جي ڪهاڻين جي ڪردارن جو اڀياس

(١٩٣٠ع _ ١٩٩٢ع)

***Abstract:***

*Mohan kalpana has been remained the Sindhi story writer and great novelist. His stories represent many social problems and issues, like social stratification, political economic issues, inequality, unemployment and agony of partition, with new trends of short story. Through different perspective he represents the thought of existence Mohan kalpana have important place in Sindhi story writers, having language skills with different styles and dictions. In the paper the emphasis has been made to characters of his stories and their social perspectives. his ability of observation is appreciable, he mentions and represents the issues of youth after partition. The purpose for studying his stories is to make aware the new generation regarding his capabilities and thought. In his stories the historical facts have been brought to readers as his worth and significance may be proved.*

**موهن ڪلپنا** سنڌي ٻوليءَ جو نامور ناول نگار، ڪهاڻيڪار ، نقاد ۽ شاعر به رهيو آهي. سندس پورو نالو 'موهن بولچند لالا' آهي. پنهنجي آتم ڪهاڻي، بک، عشق ۽ ادب جي نالي سان لکي اٿس، موهن ڪلپنا پنهنجو ڏانءُ ،حساس ۽ درد مند دل رکندڙ ڪهاڻيڪار آهي. موهن ١٩٤٨ع کان ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. سندس ڪهاڻين جا مجموعا 'موهي نر موهي' (١٩٦١ع)، 'چانڊوڪي ۽ زهر'(١٩٦٤ع)، 'فرشتن جي دنيا'(١٩٧٦ع)، 'اها شام(١٩٨١ع) ۽ 'اٿين ڪٿا' سندس حياتيءَ ۾شايع ٿيا ۽'درد جي تلاش' مجموعو (١٩٩٥ع) ۾ سندس وفات کان پوءِ سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن الهاس نگر مان شايع ٿيو سندس ناولن ۾ 'رول'، 'لگن'، 'عورت'، 'زندگي'، 'پٿر جو جگر، ميڻ جي دل'، 'وشواس'،'رڃ ۽ پاڇا'، 'پيار جو انت'، 'جلاوطني'، 'درد جو درياءُ'، 'ماءُ'، 'ڪانءُ ۽ سمنڊ' ، 'سرڳ جي ڳولا'(ٻارن لاءِ) شامل آهن. هن جي آزاد نظمن جو مجموعو 'جهاز جي ڊيڪ تي' (١٩٨٣ع) ڇپيل آهي. ان کان سواءِ سندس ڪافي تحريرون ڇپيل موجود آهن. موهن ڪلپنا جي شخصيت ، فن ۽ سندس فڪر تي هند





۾ ڪتاب تنقيدي مضمون ۽ تبصرا شايع ٿيا آهن. جڳديش لڇاڻي ، 'ڀارت ساهتيه جا اڏيندڙ' جي سري هيٺ موهن ڪلپنا جي فن ۽ شخصيت تي ڪتاب لکيو آهي.هيري شيوڪاڻي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي پڻ تنقيدي ۽ تحقيقي مضمون ۽ مقالا لکيا آهن.سنڌ ۾ ماهتاب محبوب خاص طور تي موهن ڪلپنا جي شخصيت تي تفصيلي خاڪو لکيو آهي.

موهن ڪلپنا پنهنجي منفرد آزاد ۽ لا اُبالي شخصيت ۽ خيالن جي ڪري ڪيتريون ئي ملازمتون ڪيون، جلاوطنيءَ بيروزگاري ۽ جي درد سان گڏ گهڻو ڪجھ ڀوڳيو. سندس اهڙي ڀوڳنا بابت ماهتاب محبوب لکي ٿي:"هن تمام گهڻا ڏک ڏٺا آهن، ان ڪري سندس سوچون نهايت سهڻيون آهن، هو سچي زندگي تلوار جي ڌار تي هليو آهي، هن جا پير رتوڇاڻ آهن ، هن زهر پي سوچيو آهي ۽ رت ۾ قلم ٻوڙي لکيو آهي،ڪن حالتن ۾ ته هن اهي زهر ڀريا شيشي جا گلاس به پي ڇڏيا آهن ، جن سندس اندر کي جهڻ ڪپي ڇڏيو هجي."(١) اهڙي ڀوڳنا پاڻ موهن ڪلپنا پنهنجي لکڻين ذريعي پڙهندڙن کي به محسوس ڪرائي ٿو.موهن پنهنجي منفرد خيالن ۽ حالتن جي اثر سبب ابتدا ۾ سوشلسٽ فڪر جي اثر هيٺ به رهيو. ان ۾ ڪيس انسان پرستي محسوس ٿي پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکي ٿو: "سماجواد جي انسان پرستيءَ جو پهريون سبق سنڌ جي هڪ خسيس مينهن _وسڪاري (وساڙي) سيکاريو.جنهن کي پنهنجي ناداني‌ءَ سان شهيد ڪيو هوم. ان ڪري ڪتي ڪولي يا ماڪوڙي پاڻيءَ ۾ ڏسان ته ڪيس ڪک پن سان ڪڍي سلامتيءَ واري جڳهه تي رکان،پير به سنڀالي کڻان. هڪ ماڻهوءَ جون ٽنگون ڀڳل هيون،ٽرئفڪ سبب رستو ڪراس ڪري نٿي سگهيو.سڳن آهوجا چيو: 'هاڻ ٻڌاءِ سوشلسٽ جا پٽ ، ان جو ڪهڙو حل آهي؟' مان ٻاويهن سالن جو جوان ۽ آواره ناول لکي چڪو هوس. مون ان شخص کي هنج ۾ کنيو۽ ڪيس منزل تي پهچايم."(٢) موهن ڪلپنا ڪنهن فڪر جي تبليغ يا پروپيگنڊا نه ڪئي آهي.هو انسانيت جي درد کي گهرائيءَ سان محسوس ڪري ٿو ،انساني تاريخ ۾ ٿيل هاڃن، ويساه گهاتين تي سوچي ٿو. سماج ۾ فرد جي اڪيلائيءَ ۽ ان جي من مونجهارن ۽ مسئلن تي جڏهن لکي ٿو ته منجهس وجوديت جو فڪر به نمايان نظر اچي ٿو. ان ڪري هن تي ڪنهن به هڪ فڪر جي مبلغ جو ٺپو نٿو هڻي سگهجي. ان حوالي سان ڪيرت ٻاٻاڻي لکي ٿو: "موهن ڪلپنا سنڌي ساهت جي اندر هڪ واد ووادي ۽ تضادي شخصيت آهي، جنهن ڪري سندس شخصيت

جي تضاد جو عڪس ادب ۾ پڻ ملي ٿو.جيتوڻيڪ عام طور موهن ڪلپنا کي نئين ڪهاڻيءَ جي بانين ۾ شمار ڪيو ويجي ٿو، پر منهنجو هن بابت رايو مختلف آهي.در اصل موهن حقيقت واد جي اسڪول ۽ نئين لهر جي وچ ۾ لڏندو رهيو آهي. بنيادي طور سندس نظريو رچنائن ۾توڙي ٻي طرح حقيقتواد ۽ ترقي پذير ويچار ڏانهن مائل آهي.“(٣)

موهن ڪلپنا ترقي پسندن جي خلاف لکڻ جي باوجود، سماج جي اوچ نيچ، بيروزگاري، اڪيلائي ۽ ٻين مسئلن ۽ زندگيءَ جي حقيقتن کي فلسفيانه انداز ۾ پيش ڪيو آهي، موهن وٽ نعري بازي ناهي.اهڙا ڪيترائي مثال سندس ڪهاڻين ۾ ملندا. سماج جي ذميوار ليکڪ هئڻ جي حوالي سان موهن لاءِ ما هتاب محبوب لکي ٿي: ”هڪ ذميدار اديب جي ناتي ڪلپنا کي پوري دنيا جي انسانن سان محبت آهي .هن جو ايمان آهي ته ليکڪ کي وڏي دل ڌارڻ گهرجي، ڪٿي به ڪو سياسي ، مذهبي، سرحدي، ذات پات، فرقن صوبن، زبانن تهذيب، طبقي جنهن ۾ رنگ ڀيد جو ڪو اثر هن جي نظريه حيات ۽ فلسفئہ ادب تي نه پوڻ گهرجي. هو چئي ٿو اسان کي فنڪارن کي پيار ڏيڻ گهرجي هيري کان سخت، ساگر کان گهرو، مون کي سيئي صفتون موهن ڪلپنا ۾ واضح طور نظر آيون.“(٤) ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي هندستان جي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نئين روايتن جي شروعات ڪندڙن ۾ موهن کي سر فهرست ڄاڻايو آهي لکي ٿو: ”سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ کي هندستان ۾، نئين ڍنگ سان لکڻ ۽ ان کي نئين روايت سان روشناس ڪرائڻ وارن ڪهاڻيڪارن جي فهرست ۾ پهرين پهرين موهن ڪلپنا جو نالو شمار ٿئي ٿو. موهن ڪلپنا ۾ رومانيت جي عجيب ڪيفيت طاري هوندي آهي،جنهن ۾ هو ڀٽڪندو ۽ سڪون پائيندو آهي.پنهنجو وجود وساري وري پائيندو آهي ۽ اهو لاڳيتو ڀٽڪڻ جو چڪر سندس ڪهاڻين ۾ هلندو رهندو آهي.“(٥)

موهن ڪلپنا پنهنجي پيڙهيءَ جي ليکڪن ۾ ڪهاڻيءَ کي فڪري وسعت ڏئي گهرائي پيدا ڪئي جنهن ڪري ڪيس پنهنجي پيڙهيءَ ۾ اهم حيثيت ڏني وڃي ٿي. هند جو مشهور ڪهاڻيڪار ۽ نقاد هيرو شيوڪاڻي لکي ٿو: ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر تي سرسري نظر وجهندي مان سڀ کان پهرين موهن ڪلپنا تي اچي رڪجان ٿو. هن ئي پهرين سنڌي ڪهاڻيءَ کي مجموعي انسان جي ساڌارڻ ۽ سطحي حقيقت نگاريءَ مان ڪڍي انفرادي شخص جي ٽپڪيل وهنوار جي الڳ الڳ روپن ۽ مانسڪ پيچيدگين جو واهڻ (ذريعو) بڻايو.هن ڪهاڻين جي رٽا ۽ ٽيڪنڪ ۾ گهربل ڪساو ۽ پختگي پيدا





ڪئي. هن جي بدولت سنڌي ڪهاڻيءَ جو وسعت ڀريو هڪ پنهنجو اميج ڪڙو ٿيو،جنهن آسپاس جي اسرندڙ همعصر ڪهاڻيڪارن کي ڪافي متاثر ڪيو.“(٦) موهن ڪلپنا جنهن دور ۾ لکڻ شروع ڪيو ان وقت ترقي پسند تحريڪ جو ادب تي وڏو اثر هو، موهن ڪلپنا به شروع ۾ ان اثر هيٺ لکيو پر بعد ۾ پنهنجي لکڻين ۾ فڪري تبديلي آندي .اهڙي فڪري تبديليءَ جا سبب ڄاڻائيندي ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي لکي ٿو: ”جڏهن ترقي پسند ساهت ۾ سطحي پڌو اچي ويو ۽ ان ۾ نعري بازي اهم ٿي وئي ته تجربي جي آڌار تي لکڻ وارن ساهتڪارن ان کي للڪاريو. مارڪسوادي ڌارا جي ساهت کان جدا ۽ پرچاري ٻيهڪ جي برخلاف نوجوان ٿهي ساهت ۾ اڀري ،جنهن جي اڳواڻي موهن ڪلپنا ڪئي ۽ پوءِ ان ۾ لعل پشپ ۽ گنو سامتاڻي به اچي مليا.“(٧) موهن ڪلپنا وٽ سطحيت ناهي. ٻولي، موضوع،اسلوب ۾ بلڪل نرالو آهي. سندس ڪهاڻين جي اڀياس ذريعي سندس فڪر، ڪردارن جي سماجي پس منظر ۽ مٿي سندس بابت جيڪي رايا ڏنا ويا آهن انهن جي وڌيڪ ڇنڊڇاڻ ٿيندي.

موهن ڪلپنا جي پهرين ڪهاڻي ’آتمَ هتيا‘ ١٩٤٨ع ۾ شايع ٿي. ’آتم هتيا‘ وارو اهو موضوع سندس ٻين ڪهاڻين ۾ به هلندو رهيو. هتي سندس ڪهاڻين جي ڪجهه مجموعن جو اڀياس ڏجي ٿو، جن ۾ سڀ کان پهرين چاندوڪي ۽ زهر مجموعي جي چونڊ ڪئي وئي آهي. هن مجموعي ۾ موهن جون ڇهه ڪهاڻيون شامل آهن. ڪهاڻين کان پهرين جائزو جي عنوان سان پنهنجي فن ۽ فڪر متعلق ويچار پيش ڪيا اٿس. پنهنجي ڪهاڻي جي فن ۽ ڪردارن جي حوالي سان لکي ٿو، ”ڪهاڻيءَ جو فارم يا ٽيڪنيڪ به اڪثر موضوع موجب چونڊيندو آهيان يا ڪن حالتن ۾ انهن جو پنهنجو پاڻ نرماڻ ٿيندو آهي، مان ڪڏهن به نائڪ کي مٿي ڪڻڻ لاءِ Negative ڪردارن کي ڌڪ نه هڻندو آهيان، مان انهن کي به برابر اوسر ڏيندو آهيان. اڪثر ٻنهي جو زور ۽ قوت گفتگو ذريعي ظاهر ڪندو آهيان.“(٨) موهن پنهنجي فن ۽ فڪر ۾ نهايت گهرو آهي، پاڻ کي نه جينيس سمجهي ٿو نه ئي نعري باز ترقي پسند، ”مان جينئس ناهيان ، جو مون کي پنهنجي ڪهاڻين جون خوبيون (جيڪڏهن انهن ۾ آهن ته) ٻڌائڻيون پون ۽ نه ئي مان ترقي پسند آهيان جو پليٽ فارم تان ڇاتي ٺوڪي چوان ته فلاڻن فلاڻن رجعت پسندن کان مون هيتري ترقي ڪئي آهي ۽ مون سنڌي قوم کي فلاڻا فلاڻا نعرا ۽ سنيها ڏنا

آهن."(٩)موهن ڪلپنا جي هن مجموعي جي پهرين ڪهاڻي 'جواب' جي عنوان سان آهي، هن ڪهاڻيءَ جو ڪردار بيروزگار نوجوان، هڪ بيروزگاريءَ جي ڪري، پيو گهر ۽ سماج جي طعنن جي ڪري پريشان آهي، گهر وارا ڪانئس سوال پڇن ٿا، هو اهڙا جواب ڏئي ٿو، جن ۾ خود سوال آهي ۽ ان سوال جو گهروارن ۽ ٻئي سماج وٽ ڪو به جواب ناهي. تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ اڪثر نوجوان روزگار لاءِ مختلف ادارن ۾ ماڻهن ڏانهن چڪر ڪاٽيندا رهن ٿا، مٿان گهر ۽ سماج جون سواليه نظرون ،ڇا ٿيو؟ هاڻي ڇا ٿو ڪرين؟ هينئن ڪر هونئن ڪر. ماڻهن ڪي سوالن جا جواب ڪپن،پر اهڙن نوجوانن جي ذهن ۾ هن نظام ۽ سطحي سماج بابت جيڪي سوال آهن، انهن جا جواب ڪير ڏيندو! موهن واري هن ساڳئي موضوع تي سنڌ ۾ منير احمد ماڻڪ به قلم کنيو آهي، ۽ تعليم يافته بيروزگار ڪردارن جي پيڙا ڪي ظاهر ڪيو آهي.

ڪجھ ڪهاڻين جو تجزيو هيٺ ڏجي ٿو:

**هڪ شريف ماڻهو گاڏيءَ ۾:**

هن ڪهاڻيءَ جو مُک ڪردار هڪ اهڙو بيروزگار ۽ پڙهيل ڪڙهيل نوجوان هو، جيڪو بيروزگاريءَ سبب پنهنجو خون وڪڻي پيٽ پاليندو هو، نيٺ هڪ ڏينهن هلندي ريل ۾ سيٽ تي ويني ويني سنڌس هٿ هيٺ لڙڪي پيا ۽ اُن ساهه ڏنو. هن جي مرڻ بعد هن کي سڃاڻيندڙن پنهنجا پنهنجا رايا ڏنا. سطحي ڪوڪلن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو ته حقيقت پسندن ۾ هن ڪي چڱيءَ طرح سڃاڻيندڙن هن جي درد جي وضاحت ڪندي همدرديءَ جو اظهار ڪيو. اصل ۾ جواب ڪهاڻيءَ جو ساڳيو تسلسل آهي، ڪردار جي خون ڏيڻ وارو عمل خودڪشيءَ واري راهه ڏي وِڪَ هئي. موهن ڪردارن جي پيڙا ۽ درد کي ظاهر ڪندي، سڄي سماج کي به اگهاڙو ڪري ٿو. اسٽيشن تي مئا ته پنج ماڻهو هئا، پر لاش هڪ جو پيل هو. ٻين ڪي پنهنجا ڪٽائي ويا هوندا، هن جو ڪوئي به نه هو.ٻيوس لاچار انسان جو مددگار نه حياتيءَ ۾ آهي نه مرڻ ڪان پوءِ.

**گهوٽالو:**

هيءَ ڪهاڻي گهٽ آمدنيءَ واري هڪ اهڙي ملازم جي آهي، جيڪو وڌندڙ پريشانين سبب آفيس جي ڪم ۾ غلطين مٿان غلطيون ڪري ٿو، انڪريمنٽ به نٿي





مليس، سنڌس مجبوريون وڌنديون وڃن ٿيون. سنڌس گهرواري نوڪري ڪرڻ چاهي ٿي، پر هو ان کي به اجازت نٿو ڏئي، هوءَ خودڪشي ڪرڻ چاهي ٿي، گهر ۾ ماچيس ناهي جو هاريل گاسليٽ کي تيلي ڏئي، نيٺ ڏکن ۾ ٺاهه ڪري جيئڻ سکي ٿا وٺن. گهوٽالو ٻاهر ته آهي، پر سوچن جو به گهوٽالو آهي. جڏهن حالتون انتها تي پهچن ٿيون ته نيٺ ڪانه ڪا راهه نڪري اچي ٿي، جنهن ۾ حالتن سان سمجهوتو به ٿي سگهي ٿو ته بغاوت به. ڪردار بک، بيروزگاري ۽ بدحاليءَ جو شڪار آهن.

**هَنُو مون ڪان پري ٿيو:**

ڪهاڻيءَ ۾ مهيش هڪ اهم ڪردار آهي. امير گهراڻن جون ڇوڪريون هن سان شادي نٿيون ڪن، هڪ وئشيا کي پسند ڪري ساڻس شادي ڪرڻ چاهي ٿو، پر هوءَ به ساڻس شادي نٿي ڪرڻ چاهي، چاڪاڻ ته هوءَ پاڻ کي سنڌس لائق نٿي سمجهي. سنڌس پيپي اُشا به ڪيس وئشيائن وٽ ملڻ وڃڻ ڪان روڪي ٿي، پر هو وعدو ڪرڻ باوجود ويندو رهي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار جو ايڏو وڏو مسئلو ناهي، جيڏي موهن ڏيگهه ڪري مسئلي کي وڌايو آهي، شادي نه ٿيڻ سبب هڪ ڪردار جي نفسياتي ۽ ذهني حالتن جو چڱو احوال ڏنو ويو آهي.

**درد ۽ سپنا:**

ڪهاڻيءَ ۾ چترڪار 'شيکر' هڪ شاعره 'ڪويتا' جي محبت ۾ ورتل آهي. ڪويتا شادي شده آهي، ٻئي ادبي گڏجاڻين ۾ ملندا رهن ٿا، هڪ ٻئي جي ويجهو اچي وڃن ٿا. موهن چترڪار ۽ شاعره جي وچ ۾ پاڪ محبت ۽ حسين جذبن ۽ احساسن کي هن ڪهاڻيءَ ۾ آندو آهي، ڪلارڪ چترڪار شادي نه ڪري سگهيو، هن جنهن قسم جو جيون ساٿي چوندڻ چاهيو، اهو ڪنهن ٻئي جو ٿي چڪو هو. ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جي خيال، فڪر ۽ عمل جي پَوِترتائيءَ رومانيت بنيادي اهميت طور بيان ڪئي وئي آهي.

**چانڊوڪي ۽ زهر:**

موهن جي هي طويل ڪهاڻي ٻن پريمين ۽ اڌوري پيار جي ڪهاڻي آهي، اروڻا

۽ راج باوجود هڪ ٻئي کي چاهڻ جي، ويجهو کان ويجهو اچڻ جي دور ٿي ويا. راج هڪ اهڙو چترڪار هو، جيڪو تجريدي ذهن رکڻ وارو ذهين انسان هو، اروٽا دنيا ڏٺي هئي. هوءَ هڪ امير جي ڌيءَ هئي. هن کي بہ اهڙي مرد جي تلاش هئي، جيڪو حقيقت کي تہ تائين ڄاڻندڙ هجي، صرف جسم جو بکيو ۽ روايتي نہ هجي، راج جي فڪر ۽ عمل ذريعي موهن رومانوي فڪر ۽ سريئلزم جي فڪري ڌارا ۾ وهندو رهيو. ڪردار جو حد کان وڌيڪ شعور کيس عذاب ڏئي ٿو، عورت جي سونهن ۽ ان جي چنچلتا ۽ ڪردار جو نفسياتي تجزيو راج جي هنن لفظن ذريعي موهن ادا ڪري ٿو، ”ٻئي ڏينهن اروٽا راج کي ٻانهن کان جهلي بار ۾ وٺي ويئي ۽ کيس صوفا تي پنهنجي سامهون ويهاريندي چيائين چا پيئبو؟ راج چيو بس پنهنجو مُک ڏسڻ ڏي، تنهنجي منهن ۾ زهر بہ آهي ۽ چاندوڪي بہ آهي مان ٻئي پيئڻ ٿو چاهيان.“[10] راج معذور ٿي چڪو هو، ان باوجود ڪيلاش جي برف وارين چوٽين تي چڙهڻ جي ڪوشش ۾ لڳل رهيو. اروٽا شادي باوجود راج کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهي. موهن ڪلپنا ڪردارن جي من جي اندروني تهن کي کولي ٿو ۽ گهٽو گهرو وڃي ٿو. اهڙن ڪردارن جي چونڊ ڪري ٿو، جيڪي الڳ الڳ جدا ۽ نرالا آهن. چاندوڪي زهر وارو راج هڪ منفرد چترڪار جو ڪردار آهي.باوجود هڪٻئي کي سمجهڻ ۽ چاهڻ جي سماجي ٻنڌڻن جي ڪري هڪ نہ ٿي سگهيا. ڪردار ٽٽي وکري پون ٿا، پوءِ بہ اوچائيءَ تي پهچڻ جي بيسود ڪوشش جاري رهي ٿي.

موهن ڪلپنا جو ١٩٨٠ع واري ڏهاڪي تائين ڪهاڻين جو ٻيو اهم ڪتاب 'پيار ۽ پاپ' آهي، جيڪو سنڌ ۾ ١٩٧٧ع ۾ محمد عمر ميمڻ، سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتو حيدرآباد، مان ڇپائي پڌرو ڪيو. هن مجموعي ۾ پنج طويل ڪهاڻيون آهن. جن ۾ (١) موهني نر موهي (٢) پيار ۽ پاپ (٣) وجود جو صليب (٤) ٿاءِ ۽ گُل ۽ (٥) مانُ ۽ ايمانُ. هنن ڪهاڻين ۾ موهن تي عورت جو ڪردار ۽ سندس رومان حاوي آهي، 'موهي نر موهي' ۾ ڪردار؟ اهڙي عورت سان محبت ڪري ۽ شادي ڪرڻ چاهي ٿو جيڪا کيس چاهڻ سان گڏ پنهنجي اندر جي اصليت کي بہ نہ ٿي ڇڏي. کيس اهڙي عورت ريڪا ملي ويئي. ساڏنا جنهن کيس چاهيو هو، پر هوءَ هر حال ۾ سندس هر ڳالهہ، سوچ ۽ فڪر کي مڃاهون رکندي هئي. ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ مخالفت يا بحث ۾ پنهنجي جيت نہ چاهيندي هئي.





'پريم ۽ پاپ ڪهاڻيءَ' جا ڪردار حقيقي پريم ۽ پاپ کي محسوس ڪندي، اُن لاءِ نئين راهہ مقرر ڪن ٿا. پدما نيٺ پنهنجي حقيقي پريمي ۽ سچي محبت ڪندڙ ڪرشن سان نڪري هلي ويئي. 'مانُ ايمانُ' ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ٻئي کي چاهڻ ۽ چاهت کان پوءِ شادي جي پهرين رات تائين هڪ ٻئي کي سمجهي نہ سگهڻ سبب پهرين هڪ ٻئي جو ايمانُ ڪن ٿا، پر سمجهڻ کان پوءِ ٻئي هڪ ٻئي جو مانُ رکن ٿا، ريڪا جا چيل جملا ”شيکر آتما جو نہ، شرير جو پوڄاري آهي، هن لاءِ پريم روپ جو جادو آهي.“[11] شيکر شايءَ رات انهن جملن جو ريڪا کي حوالو ڏيئي سندس ٻانهن کي پاڻ کان پري ڪيو، پر پنهنجي من جي تڙپ کي روڪي نہ سگهيو، ٻئي پاسي ريڪا بہ لُڇي رهي هئي، ڪردارن جو هڪ ٻئي کي نہ سمجهڻ ۽ سندن وچ ۾ غلط فهميءَ جي پيدا ٿيڻ سبب هڪ ٻئي کان دوري ۽ سمجهڻ بعد ويجهڙائيءَ کي پيش ڪيو ويو آهي.

موهن جي مجموعي 'انين ڪٿا' ۾ ڪل پندرهن (١٥) ڪهاڻيون شامل آهن . مهاڳ 'وڊيو ڊسڪ انقلاب'، ادب ۽ سنڌي جي عنوان سان موهن پاڻ لکيو آهي. مجموعي جي پهرين ڪهاڻي ڪتاب جي نالي واري ڪهاڻي آهي.هيءَ ڪهاڻي ١٩٨٦ع ۾ شايع ٿي چڪي هئي. هي دور هند سنڌ ۾ اڪهاڻي وارو دور بہ آهي. اهڙي جهلڪ هن ڪهاڻيءَ ۾ بہ واضح نظر اچي ٿي. ڪابہ ڪهاڻي ڪانهي، پلاٽ منظر نگاري، ڪردار، ڪلائمڪس ناهي. انساني وجود سان وابستہ مختلف فڪر آهن. زندگي، موت، معاش سماج، مذهب، وجوديت وغيره کي پيش ڪيو ويو آهي. انسان جي اندر ۾ جيڪي بہ ويچار، سوال آهن انهن کي هن ڪهاڻيءَ ۾ بغير رک رکاءَ جي پيش ڪيو ويو آهي. اهڙين ڪهاڻين ۽ ڪهاڻيڪارن جي فڪر جو تجزيو ڪندي شمس الدين عرساڻي لکي ٿو: ”هو اڄ جا وجودي ليکڪ آهن. هنن جي چوڻ مطابق سچائي صرف ايتري آهي، جيڪي ڪجهہ انسان جي اندر ۾ وهي ٿو،ان کي بنا وڌاءَ گهٽاءَ جي ساڳي ڪيفيت ۾ فن ۾ منتقل ڪري ڇڏجي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ جي ڪهاڻيءَ کي هندستان ۾ اَڪهاڻيءَ جو نالو ڏنو ويو آهي، ڇو تہ ان ۾ ڪابہ ڪهاڻي ناهي. ان مان اڳ وارا فني پئمانا، ٺهيل ٺڪيل پلاٽ، ڳالهہ کي چوٽ يا اپار(ڪلائميڪس) تي پهچائڻ هٿراڌو تجسس وارو ماحول پيدا ڪرڻ، پڙهندڙ کي مصنوعي رومانس جي ڪيفيت ۾ مبتلا رکڻ، ڪين خوش آئينده نعرن سان روشن مستقبل جي آس ڏيارڻ وغيره ۔ وجودي ليکڪ جي تحرير انهن سيني ڳالهين کان آجي آهي.“[12] هي فڪر ۔ اثر ۽ انداز سنڌ ۾ منير احمد

ماڻڪ، مشتاق شوري ۽ شوڪت حسين شوري جي بہ ڪجھ ڪهاڻين ۾ نظر اچي ٿو. ٻنهي طرف ان جا سبب ان دور جون حالتون آهن. بيروزگاري، حالتن جو جمود، سڪٽا نعرا ، هٺرادو اصول، مذهب جي سطحيت تي زور ۽ رسمي پورائو وغيره ، سوچيندڙن کي مجبور ڪيو جن وجوديت کي معروضي حالتن مطابق پيش ڪيو.هن ڪهاڻيءَ کان پوءِ 'ارٿ' ڪهاڻي آهي ، فڪري تسلسل ساڳيو آهي، پر هن ۾ ڪهاڻي پٽو آهي، ڪردار ، واقعو، ماحول منظرنگاري، رٿا وغيره آهي. وٺشيا ۽ ساڌوءَ جا ڪردار آهن. پنهنجي پنهنجي پيشي کان بيزار، هڪ ٻئي ۾ مخالف اميدون رکي زندگيءَ ۾ ڇانيل جمود کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ۾ هڪ ٻئي ڏانهن وڌن ٿا. پر ٻنهي جا هڪ ٻئي جي جاءِ تان لاش ٿي مليا. 'بند ٿيل لنگهہ' ڪهاڻيءَ ۾ ڌرم ۾ ذات پات، ۽ اوچ نيچ جي فرق کي پيش ڪيو ويو آهي. هڪ يتيم ڀنگيءَ جو مرڪزي ڪردار آهي. ڌوڙ مٽي صاف ڪري ٿو، مندر ۾ وڃڻ تي بندش، ڳئونءَ سان محبت تي ملامت، هر طرف کان حقارت نسل در نسل. موهن انسانن جي مذهب ذريعي پيدا ڪيل ورڇن، هڪڙن جي عياشين ۽ ٻين جي ذلتن کي هن ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو آهي.'غدار' ڪهاڻيءَ ۾ وطن سان محبت جي صرف لفظي اظهار تي ٿي غفور کي غدار سمجهي سزا ڏني وئي، مختلف وقتن تي سرحد جي ٻنهي طرف ڪيترائي ماڻهو اهڙي عتاب جو شڪار رهيا ۽ سزا وار ٿيا. هن مجموعي ۾ 'رام دين' ۽ 'ٽڙي پار' خاص ورهاڱي جي درد ۾ پيڙجندڙ ڪردارن جون ڪٿائون آهن. 'شاعر' ۽ 'ڪوڪي جي چپ چپ' ڪهاڻيون معاشي بدحاليءَ، ڪريل قدرن کي پيش ڪن ٿيون، انهن کان علاوه وجوديت، اڪهاڻيءَ جا نمونا پڻ مجموعي ۾ موجود آهن.

موهن زندگيءَ جي حقيقتن کي ويجهڙائيءَ سان ڏٺو ۽ محسوس ڪيو آهي. فن جي ذريعي پڙهندڙن کي بہ محسوس ڪرائي ٿو. انسان ڪيئن هڪ ٻئي کان حقارت ڪري ٿو، ان جا ڪهڙا اثر نڪرن ٿا، ملڪن، عالمي قوتن ۽ مذهب جي آڙ ۾ انسانن سان ڪهڙا هاڃا ڪيا ويا آهن. موهن ڪلپنا انهن کي پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. موهن هن ڪلپنا جي لکڻين تي رومانيت،حقيقت ۽ وجوديت جو اثر نمايان آهي. ڪٿي سمورن ظاهري فڪري لاڙن کان الڳ بہ نظر اچي ٿو. موهن ڪلپنا جلاوطني جي درد ، بيروزگاري، سماج جي سطحي روين کي پاڻ بہ ڀوڳيو آهي، تہ اهڙي درد کي ڀوڳيندڙن جي ترجماني بہ ڪئي آهي. موهن ڪلپنا جي ٻولي خوبصورت ۽ انداز منفرد آهي.





## حوالا


١. ماهتاب محبوب، (١٩٨٢ع)، 'جيءَ جهروڪا' ، ارم پبليڪيشن لطيف آباد، حيدر آبا، ص: ٧٦.

٢. موهن ڪلپنا، (٢٠٠٢ع)، 'ٻک عشق ۽ ادب ' ، سنڌي ساهت گهر، حيدر آباد ،ص: ٢٦.

٣. ٻاٻاڻي ڪيرت، (١٩٨٤ع)، 'سنڌي ڪهاڻي ورهاڱي بعد'،سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن الهاس نگر انڊيا،ص:٥٩.

٤. ماهتاب محبوب، (١٩٨٢ع)، 'جيءَ جهروڪا' ، ارم پبليڪيشن لطيف آباد، حيدر آباد،ص: ٨٠.

٥. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، (١٩٨٢ع)، 'آزاديءَ کان پوءِ افسانوي ادب جي اوسر' ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ص: ٣٣٢.

٦. شيوڪاڻي، هيرو، (١٩٨١ع)، 'جائزو' (تنقيدي ليکن جو مجموعو) سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، الهاس نگر، انڊيا، ص: ٥.

٧. لڇاڻي، جڳديش، (٢٠١٠ع)، 'موهن ڪلپنا' (ڀارت ساهتيہ جا اڏيندڙ) ساهتيہ اڪيڊمي، دهلي.

٨. موهن ڪلپنا، (١٩٨٥ع)، 'چانڊوڪي ۽ زهر' ، سنڌي ساهت گهر، حيدر آباد، ص: ١٢.

٩. موهن ڪلپنا ،(١٩٨٥ع)، چانڊوڪي ۽ زهر،سنڌي ساهت گهر حيدر آباد.

١٠. ساڳيو، ص: ٩٩.

١١. موهن ڪلپنا، (١٩٧٧ع)، 'پيار ۽ پاپ' ، سردار پرنٽنگ پريس، حيدر آباد.

١٢. عرساڻي، شمس الدين، (١٩٨٢ع)، آزاديءَ کان افسانوي ادب جي اوسر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو.